# ڳريو ۽ عزاداري

ليکڪ : آيت الله نجم الدين طبسي(زيد عزه)

سنڌيڪار : شوڪت علي منگي

جملي حق محفوظ آهن

ڪتاب جو نالو..........گريو ۽ عزاداري

ليکڪ ........... آيت الله نجم الدين طبسي

سنڌيڪار.......... شوڪت علي منگي

نظر ثاني.........مولانا سيد احمد علي نقوي

تاريخ... 15 رجب المرجب 1435 ھ. ق بمطابق 14/12/5 ع

تعداد...................5000

قيمت.................50 روپيه

پيشڪش............مدرسہ جواديہ لکي غلام شاھ. شڪارپور

ڇپائيندڙ........ابو طالب اسلامڪ انٽرنيشنل انسٽيٽيوٽ لاهور

بسم الله الرحمن الرحیم

# فهرست


مترجم جا ٻول.......................................................5

روئڻ جي نصيحت.....................................................7

پاڻ سڳورن جي سيرت ...........................................12

صحابہ ڪرام جي سيرت..........................................20

ماتم جي حرام هجڻ وارو افسانو.............................22

ماتم ۽ عزاداريءَ جي مخالفت واريون روايتون...........23

بيان ڪيل روايتن جي تحقيق.................................27

بحث جو نچوڙ.......................................................38

تاريخي بحث........................................................40

آخري ڪلام..........................................................46

**مترجم جا ٻول**

مري ويلن تي روئڻ، انهن جو سوڳ ملهائڻ هڪ اهڙو عمل آهي جنهن جي اصل، انسان جو پاڪيزه روح ۽ پاڪ طبيعت آهي.دين اسلام پڻ ان فطري ۽ انساني عمل جي حمايت فرمائي آهي ان جو سڀ کان وڏو گواه ۽ شاهد پاڻ سڳورن ﷺ جي سيرت آهي، ان کان علاوه صحابہ ڪرام جي سيرت ۽ مسلمان امت جي سيرت اسان وٽ هڪ وڏي دليل آهي. هن مختصر ڪاوش ۾ اسان جي گفتگو جو مرڪز اُهي روايتون آهن جيڪي روئڻ ۽ عزاداريءَ جي باري ۾ بيان ڪيون ويون آهن ۽ ان جي ذريعي ئي ماتم ۽ عزاداري کي ثابت ڪيو ويو آهي ، جيتوڻيڪ ڪجھ ماڻهن ضعيف روايتن جو سهارو وٺندي ماتم ۽ عزاداري جي حرام هجڻ جي فتوىٰ ڏني آهي ان ڪري اسان ٻنهي طريقي جي روايتن کي بيان ڪندا سين ۽ جيڪي روئڻ ۽

عزاداريءَ جي حرام هجڻ واريون حديثون نقل ڪيل آهن انهن ڪي تاريخ ۽ حقيقت جي روشنيءَ ۾ غلط ثابت ڪندا سين. سيني علم دوست، ڏاهن ۽ حقيقت جي جستجو ڪندڙن لاءِ انشاءَ الله هي ڪتاب هدايت جي هڪ ڪڙي ثابت ٿيندو ته جيئن سنئين واٽ تي هلي پنهنجي دنيا ۽ آخرت سنواري سگهن

والسَّلام

شوڪت علي منگي

## روئڻ جي نصيحت

انتقال ڪرڻ وارن انسانن تي روئڻ، ڏک جو اظهار ڪرڻ ۽ انهن جو سوڳ ملهائڻ هڪ اهڙو ڪم آهي جيڪو انسان جي پاڪ احساسن سان تعلق رکي ٿو ۽ ڏکويل جي سڪون، دلجوئيءَ ۽ دل کي پنهنجو ڪرڻ جو ڪارڻ بڻجي ٿو. هي اهڙو عمل آهي جنهن جو حڪم مٺي مرسل ﷺ ڏنو آهي ۽ پاڻ روئڻ لاءِ تاڪيد بہ ڪيو اٿائون. پاڻ سڳورن ﷺ جي سيرت ۾ ان جون ڪيترئين ئي مثالون موجود آهن.

اسامہ بن زيد چئي ٿو تہ : جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ جي ڌيءُ سڳيل نياڻيءَ جي پٽ جي وفات ٿي تہ پاڻ سڳورن ﷺ کي اِن جي اطلاع ڏني وئي، پاڻ سڳورا ﷺ سعد بن عباده ، معاذ بن جبل، ابي بن ڪعب، زيد بن ثابت ۽ ٻين اصحابن ساڻ سندس جي

گهر پهتا، پاڻ سڳورا ﷺ ٻار جي ميت کي کڻي تمام گهڻو رُنا ، ايترو رُنا جو سندن جا ڳوڙها مبارڪ چهري پاڪ تي جاري ٿيا پاڻ سڳورن ﷺ جي اها حالت ڏسي، سعد اچرج منجهان پاڻ سڳورن ﷺ جي بارگاهه ۾ عرض ڪيو ته :

توهان ڇا ڪاڻ روئي رهيا آهيو..؟

پاڻ سڳورنﷺ وراڻيو ته :

”رحمة يجعلها في قلوب عباده ، انما يرحم الله من عباده الرحماء“

هي ان ٻار تي مهربانيءَ سببان آهي جنهن کي ڏٽي تعالىٰ پنهنجن ٻانهن جي دلين ۾ قرار ڏنو آهي بيشڪ ٻاجهارو رب پنهنجن مهربان ٻانهن تي ٻاجهه فرمائيندو آهي.[1]

---

[1]. سنن نسائي ج،4،ص 22

جنگ احد کان پوءِ پاڻ سڳورا ﷺ جڏهن مديني منوره جي طرف روانا ٿيڻ لڳا ڏٺائون ته مديني جون مستورات پنهنجن پيارن جي غم ۾ هنجون هاري رهيون آهن ڪائنات جي عظيم رسول اهو ڏسي ڪري جناب حمزه عليه السلام جي شهادت ۽ مظلوميت ڪي ياد ڪندي فرمايو :

" ولكن حمزة لا بواكي له "

مڙني تي روئڻ وارا موجود آهن پر منهنجي چاچي تي روئڻ وارو ڪو به ناهي !

جيئن ئي پاڻ سڳورن ﷺ حضرت حمزه عليه السلام لاءِ اهي ڏک وارا جملا پنهنجي زبان تي جاري ڪيا ،انصار جي عورتن تي اهڙو ته اثر پيو جو انهن به جناب حمزه عليه السلام لاءِ روئڻ شروع ڪيو.[1]

---

[1] _الاستيعاب قرطبي ج1. ص، 275، ، مسند احمد بن حنبل ،ج2ص 40، شفاء الغرام ج2، ص 347

ابن عبد البر بيان ڪري ٿو تہ :

اڄ تائين انصار قبيلي جون عورتون پهريان جناب حمزه عليه السلام تي روئنديون آهن ۽ پوءِ پنهنجن پيارن تي روئينديون آهن.

جنگ موتا ۾ جناب جعفر بن ابو طالب عليه السلام جي شهادت کان پوءِ رحمت جو رسول سندن گهر ويو تہ جيئن سندس جي پوئنرن سان تعزيت ۽ دلجوئي ڪن ، اُتان واپس ايندي پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم هڪ تاريخي جملو فرمايائون :

"علیٰ مثل جعفر فلتبک البواقي "[1]

ترجمو :روئڻ وارن کي گهرجي تہ اُهي جناب جعفرعليه السلام جهڙن شهيدن تي روئن.

[1] _ انساب الاشراف ،بلاذري ج،2، ص 298.

روئڻ جي مخالفت ڪرڻ وارن جي رسول خدا ﷺ جي نظر ۾ ڪا بہ حيثيت ناهي ۽ اُهي ان ڪئي ڪم سان پاڻ سڳورن ﷺ جي مخالفت ڪري رهيا آهن.

هڪ ڏينهن پاڻ سڳورا ﷺ هڪ مسلمان جي جنازي جي نماز لاءِ ويا ، اُتي حضرت عمر پڻ موجود هو ،جيئن ئي حضرت عمر اُتي موجود عورتن جي روئڻ جو آواز ٻڌو تہ انهن کي روئڻ ڪان منع ڪرڻ لڳو ،پاڻ سڳورن ﷺ اهو ڏسي ڪري وحي واري زبان سان ان ڪم جي مخالفت ڪندي فرمايائون تہ :

”يا عمر ! دعهنّ، فانّ العين دامعة والنفس مصابة والعهد قريب “[1]

[1] _مستدرڪ حاڪم ج1، ص، 381، ، مسند احمد ابن حنبل ،ج2،ص،323،، ڪنزالعمال ج15، ص 621

ترجمو : اي عمر ! انهن کي ڪجهہ نہ چئُ ، ان لاءِ تہ سندن اکين ۾ ڳوڙها ۽ دليون ڏکويل اٿن ۽ گهڻو وقت بہ ڪين گذريو آهي.

## پاڻ سڳورن ﷺ جي سيرت

اُهي ماڻهو جيڪي عقل جي نعمت سان مالا مال آهن ۽ انهن جون دليون عشق رسول ﷺ سان ٽمٽار آهن، اسان انهن لاءِ ڪجهہ ٻيون بہ دليلون بيان ڪري رهيا آهيون تہ جيئن سندن جي نوجوان نسل، خوارج جي شر کان پنهنجي عقيدي کي بچائي سگهي.

**"الف"**. جناب عبد المطلب عليہ السلام جن تي روئڻ :

جانب ام ايمن رضي الله عنها جن بيان فرمائن ٿيون تہ :

" انا رايت رسول الله يمشي تحت سريره وهو يبكي "[1]

ترجمو : آءُ پاڻ سڳورن ﷺ کي پنهنجي ڏاڏي جي تشييع جنازي ۾ ڏٺو تہ پاڻ سڳورا ﷺ جنازي سان گڏ هلي رهيا هئا ان حالت ۾ جو پاڻ سڳورا ﷺ روئي رهيا هئا.

### ب . جناب ابو طالب عليہ السلام تي روئڻ :

الله جي دين جو هڏ ڏوکي ۽ مددگار ، رسالت جو پاسبان ، رسول خدا ﷺ جن جو نکاح پڙهڻ وارو انسان ، شير خدا جو پيءُ جناب ابو طالب عليہ السلام جڏهن هن دنيا کان لاڏاڻو کيو تہ ان وقت کائنات جي عظيم پيغمبر ﷺ ، الله پاک جي محبوب نبي

---

[1] _ تذکره الخواص .ص،7

حضرت محمد ﷺ پنهنجي پاءُ مولا علي عليه السلام جن کي فرمايو تہ :

” اذهب فاغسلہ و کفّنہ و واره غفر الله لہ و رحمة“[1]

ترجمو : يا علي منهنجي پياري چاچي ابو طالب عليه السلام کي غسل ۽ کفن ڏي ، الله پاڪ انهن تي رحمت فرمائي. پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجي عظيم صاحب ايمان ۽ صاحب ڪردار چاچي جي ڏکوئيندڙ وفات تي بلند آواز سان رُنا هئا.

## ج. جناب آمنہ رضي الله عنها تي روئڻ :

اسلام جي تاريخ پروڙڻ سان پتو پوي ٿو تہ جڏهن منو مرسل ﷺ پنهنجي والده محترمہ بيبي آمنہ عليها السلام

[1] _الطبقات الکبریٰ ابن سعد ج.1.ص،23

جي قبر مبارڪ تي آيو تہ پاڻ بہ رُنو ۽ سندس گڏ آيل ماڻهو بہ رُنا هئا.[1]

### ✍ د. جناب ابراهيم عليه السلام جن تي روئڻ :

پالڻهار پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان پاڻ سڳورنﷺ کي مدينہ منوره ۾ هڪ پيارو پٽ عطا فرمايو جنهن جو نالو پاڻ سڳورن ﷺ ابراهيم رکيو هو، جيئن ئي سندن ٻڇڙو هڪ سال جو ٿيو تہ الله جي رضا سان هن دنيا تان انتقال فرمايو، پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجي پياري پٽ جي وفات تي رُنا تہ ڪجهہ ماڻهو تعجب ڪرڻ لڳا، پاڻ سڳورنﷺ انهن جو تعجب ختم ڪرڻ لاءِ هڪ روح کي تسڪين ڏيڻ وارو

[1]_المستدرڪ علي الصحيحين ج1. ص 357، تاريخ المدينہ ابن ابي شيبہ ج1، ص، 118.

جملو ارشاد فرمايو تہ جيئن قيامت تائين ڪنهن بہ انسان کي تنقيد ۽ اعتراض ڪرڻ جو موقعو نہ ملي پاڻ ﷺ فرمايائون تہ : ” تدمع العينان و يحزن القلب ولا نقول ما يسخط الرّب “[1]

ترجمو : اکين مان نِير جاري ۽ دل ڏکويل آهي پر اسان ڪڏهن بہ اهڙي ڳالهہ زبان تي نہ آڻيندا آهيون جيڪا رب جي رضايت جي خلاف هجي.

م. بيبي فاطمہ عليها السلام بنت اسد جي رحلت تي روئڻ :

جناب فاطمہ بنت اسد ، حضرت ابو طالب عليه السلام جي گهرواري ، مولا علي عليه السلام جي والده ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جي چاچي هئي، بيبي سدائين پاڻ سڳورن ﷺ جي کاڌي پيتي ۽ لباس وغيره جو خيال رکندي هئي، بيبي رسول پاڪ ﷺ جن کي ايمان جو

[1] _ العقد الفريد ج3،ص،19،

سرمايو جڏهن ته پاڻ سڳورا ﷺ بيبيءَ کي پنهنجي ماءُ چوندا هئا. جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ جي مهربان ۽ شفيق چاچيءَ جي وفات ٿي ته بيبيءَ جي ڏک ۾ پاڻ سڳوراﷺ تمام گهڻو رُنا ۽ گريو ڪيو ۽ پنهنجي دلي ڏک جو اظهار ڪري روئڻ ۽ عزاداري ڪرڻ کي شرعي حيثيت عطا ڪري ڇڏي. ڪتاب ذخائر العقبیٰ ۾ لکيل آهي ته :

” صلّیٰ عليها و تمرغ في قبرها و بکیٰ “

يعني پيغمبر اعظم ﷺ پاڻ بيبيءَ جي جنازي نماز پڙهائي ، سندن جي قبر مبارڪ ۾ ﭘهريان پاڻ سُتا پوءِ پنهنجي پياري چاچيءَ کي قبر جي حوالي ڪيائون ۽ بيبيءَ جي حق ۾ مغفرت جي دعا فرمايائون ، جڏهن ته سندن اکين مان نير جاري هئا ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جي دل غمگين هئي.

### ن. جناب حمزه عليه السلام جن تي پاڻ سڳورن ﷺ جو روئڻ :

پاڻ سڳورن ﷺ جو مهربان ۽ عظمت وارو چاچو جناب حمزه عليه السلام جيڪو ڪفر جي مقابلي ۾ پهاڙ جيان مقابلو ڪري رهيو هو، بدر جي جنگ ۾ پنهنجي شجاعت جي ساراهه ڪرائڻ ڪان پوءِ رب جي راهه ۾ پنهنجي جان نثار ڪندي شهادت جي عظيم رُتبي تي رسيو، هندان پنهنجي دل جي ڪيني کي ٿڌو ڪرڻ خاطر جناب حمزه عليه السلام جي جسم اطهر کي چيري سندن جي دل کي ڪڍي چٻاڙيو هو ۽ جناب حمزه عليه السلام جي خون کي پيتو هو، ان وڏي مصيبت تي پاڻ سڳورن ﷺ جن حڪم ڏنو هو ته منهنجي اِن عظيم چاچي تي عزاداري ڪئي وڃي،

" لمّا راٰی النبي حمزة قتيلا بکیٰ و لمّا راي ما مثل بہ شهق "[1]

ترجمو : جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجي چاچي کي ڪُنل ڏٺو تہ پاڻ سڳورا ﷺ روئڻ لڳا ۽ جڏهن جناب حمزه عليه السلام جو سينو چيريل ڏٺائون تہ پاڻ سڳورا ﷺ ڪُوڪُون ڪري روئڻ لڳا.

**ل. صحابن جي جدائيءَ تي پاڻ سڳورن ﷺ جو روئڻ :**

رحمت پري رسول ڪي سندن ڪجھ دوستن جي جدائيءَ جو ڏک رسيو، حمراٰء الاسد جنگ کان واپسيءَ تي پاڻ سڳورا ﷺ جنگ احد ۾ شهيد ٿيل هڪ صحابيءَ جي گهر ويا پاڻ سڳوراﷺ اُن صحابيءَ جي ايثار کي بيان ڪندي پاڻ بہ رُنا ۽ اُن

[1] _ السيرة الحلبي ج.2،ص،247

جي گهر وارن کي بہ روئاري ڪري ان شهيد جي قربانيءَ ۽ ايثار کي ياد ڪيو.[1]

## صحابہ ڪرام رضوان الله عليهم جي سيرت

تاريخ گواهہ آهي تہ صحابہ ڪرام پنهنجن جي وڇوڙي تي روئيندا هئا ۽ غم ملهائيندا هئا. جڏهن سچي سرور ﷺ هن جهان تان برقعو مٿايو اُن وقت پورو مدينو پاڪ سندن غم ۾ سوڳوار ۽ عزادار هو، هر اک آلي ۽ هر دل ڏکويل هئي، بيبي عائشہ بيان ڪن ٿيون تہ رسول خدا ﷺ جي وفات وقت مان مديني جي عورتن سان گڏجي پنهنجو مٿو ۽ منهن پٽيو هو[2]

[1] _المغازي ج.1ص.329
[2] _ السيرة النبويہ ج.4.ص.305

عبد الله ابن رواحہ جناب حمزه تي رُنا ۽ مرثيو پڑهيو هو.

ابن ابي شيبہ لکهي ٿو تہ :

”عن ابي عثمان اتيت عمر بنعي النعمان بن مقرن، فجعل يده علیٰ راسہ و جعل يبکي“[1]

ترجمو : جڏهن حضرت عمر کي نعمان بن مقرن جي وفات جو ٻڌايو ويو ان وقت حضرت عمر آهہ ڀري روئڻ لڳو،“

اهڙيءَ ريت عبد الله ابن مسعود حضرت عمر جي قبر تي اچي ڪري رُنو هو.[٢]

” فوقف ابن مسعود علیٰ قبره يبکي “[3]

---

[1] _ المصنف ابن ابي شيبہ ج، 3 ص، 175

[2] _العقد الفريد ج3، ص ، 283

[3] _ العقد الفريد ج،4،ص، 238

## ماتم جي حرام هجڻ وارو افسانو

انتهائي افسوس ۽ ڏک سان اها ڳالھ چوڻي پوي ٿي تہ ڪجھ اھل سنت عالم سڳورن ان( روئڻ ۽ ماتم ڪرڻ ) رسول پاڪ ﷺ جي عظيم سنت ۽ صحابہ ڪرام جي سيرت جي خلاف فتوىٰ جاري ڪئي آهي. جڏهن تہ انهن حديثن ۾ واجهائڻ سان پليءَ پيت معلو ٿئي ٿو تہ روئڻ ۽ عزاداريءَ جي حرام هجڻ واري فتوىٰ هڪ افسانہ کان وڌيڪ حيثيت نہ ٿي رکي ، جنهن ڪاڻ انهن مفتين ڪجھ ضعيف روايتن جو سهارو ورتو آهي جنهن ڪي توهان اڳتي پڙهندا .

اسان پھريان ماتم ۽ روئڻ جي حرام هجڻ وارين روايتن ڪي بيان ڪندا سين ۽" الله پاڪ جي مدد

سان " پوءِ انهن روايتن جو جواب ۽ نتيجو بيان
کندا سين.

### ماتم ۽ عزاداري جي مخالفت واريون روايتون

روئڻ ۽ عزاداريءَ جي حرام هجڻ تي مخالفن
کجھ روايتون بيان کيون آهن جيکي هيٺ ڏجن
ٿيون.

1. هن جملي جي پاڻ سڳورن ﷺ جي طرف نسبت ڏني وئي آهي تہ فرمايائون :

" الميت يعذب في قبره بما نيح عليہ "[1]

اگر ميت تي ڪوئي روئي تہ ميت کي ان سببان
عذاب کيو ويندو آهي.

" انّ الميت ليعذب ببكاءِ اهلہ عليہ "[1]

---

[1] _صحيح بخاري ج1، ص 223، کتاب الجنائز ؛ صحيح مسلم ج3، ص 44، کتاب الجنائز، جماع الاصول ج 11، ص، 99 نمبر 857

ميت پاڻ تي روئڻ وارن ڪري عذاب ۾ مبتلا ٿي ٿي.

2. سعيد بن مسيب جي بقول جڏهن حضرت ابو بڪر جي وفات ٿي ته بيبي عائشه هڪ سوڳ جي مجلس جو انتظام ڪيو جنهن ۾ ڪيترين ئي عورتن اچي ڪري بيبي عائشه کي پرسو ڏينديون هيون. جڏهن حضرت عمر کي ان ڳالهه جي خبر پئي ته انهن کي روئڻ ۽ عزاداري ڪرڻ کان منع ڪيائون، ليڪن بيبي عائشه حضرت عمر جي ڳالهه جي مخالفت ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ حضرت عمر هشام بن وليد کي اها ذميواري ڏني ته بيبي عائشه ڏي وڃي ۽ اُتي گڏ ٿيل عورتن کي ڪوڙا هڻي ڪري انهن کي ماتم ۽

[1] _ صحيح بخاري ج1، ص 223، ڪتاب الجنائز ؛ صحيح مسلم ج3، ص 44، ڪتاب الجنائز، جماع الاصول ج 11، ص، 99 نمبر 857

عزاداري کان روڪي ۽ انهن کي اُتان پڇائي، جيئين ئي عورتن کي ان ڳالھ جو پتو پيو ،سيئي عورتون تڏي کي ڇڏي ڀڄي ويون ان وقت حضرت عمر چيو تہ :

” تردن ان يعذب ابو بکر ببکائکنّ ! انّ الميت يعذب ببکاءِ اهلہ عليہ “[1]

ترجمو : هيف هجي توهان تي اي عورتو ! توهان روئي ڪري ابو بکر تي عذاب نازل ڪرڻ چاهيو ٿيون بيشڪ ميت تي روئڻ ڪري ميت کي عذاب ڏنو ويندو آهي.

3. بيبي عائشہ بيان ڪن ٿيون تہ جڏهن جناب جعفر بن ابي طالبؑ ، زيد بن حارث ۽ عبد الله بن رواحہ جي شهادت جي خبر پيغمبر اکرم ﷺ جن کي ڏني وئي اُن وقت

[1] _صحيح ترمذي حديث نمبر 1002

پاڻ سڳورن ﷺ جي چهري تي ڏک ۽ رنج جا آثار ظاهر ٿيڻ لڳا هڪ شخص اچي ڪري پاڻ سڳورن ﷺ کي چيو ته ڪجهه عورتون انهن شهيدن تي روئي رهيون آهن ته پاڻ ﷺ جن فرمايو :

”فارجع اليهنّ ، فان ابين فاحثّ في وجوههنّ التراب“[1]

ترجمو : واپس وڃ ۽ انهن کي چپ ڪراءِ ، اگر اهي عورتون تنهنجي ڳالهه نه مڃن ته انهن جي چهري تي مٽي اڇلائجانءِ.

4. نصر ابن ابي عاصم کان نقل ٿيل آهي ته هڪ رات حضرت عمر مديني منوره ۾ هڪ عورت جي روئڻ جو آواز ٻڌو جلديءَ ۾ ان

[1]- المصنف ابن ابي شيبه ج،3،ص،265

جي گهر ۾ داخل ٿيا ۽ اُتي موجود عورتن
کي ڀڄايو ۽ روئڻ واري عورت کي تازيانه
هنيا ايسيتائين جو ان عورت جي مٿي تان
چادر ڪري پئي حضرت عمر جي ساٿين
سندس تي اعتراض ڪيو ته عورت جا وار
ظاهر ٿي رهيا آهن ؟ حضرت عمر جواب ۾
چيو ته :

"اجل فلا حرمة لها "[1]

ترجمو : ها ها ! هن عورت لاءِ ڪو به احترام ناهي.

## ✍ بيان ڪيل روايتن جي چند چاڻ ۽ تحقيق

هاڻي اسان انهن ڪجهه ضعيف روايتن جي جيڪي
قرآن، سنت ۽ معتبر روايتن جي مخالف آهن چند
چاڻ ۽ تحقيق ڪيون ٿا .

---

[1] -ڪنز العمال ج،15،ص،731

1. شروعات ۾ اسان بيبي عائشہ جي نظريہ کي بيان ڪيون ٿا تہ اهي روايتون بيبي عائشہ جي نظر ۾ معتبر ناهن " بيبي عائشہ انهن روايتن کي ڪوڙو سمجهي ٿي" ۽ انهن روايتن جي نقل ڪرڻ وارن راوين جي باري ۾ بيبي عائشہ جو نظريو آهي تہ يا انهن راوين روايت کي نقل ڪرڻ ۾ غلطي ڪئي آهي يا پوءِ انهن کان ڀُل ٿي آهي.

نووي ان باري ۾ لکي ٿو تہ :

" مٿي بيان ڪيل روايتون بيبي عائشہ جي نگاهہ ۾ قابل قبول ناهن ، بيبي عائشہ انهن روايتن جي راوين ڏانهن ويساري جي نسبت ڏني آهي، جيتوڻيڪ راوين انهن روايتن کي پيغمبر ﷺ کان صحيح طريقي سان نقل ڪين ڪيو آهي جهڙيءَ ريت ابن عباس فرمايو آهي تہ اهي روايتون خليفہ

جي پنهنجي طرفان آهن نہ پيغمبر اڪرم ﷺ جي
طرفان ،
ان سلسلي ۾ هيٺ ڏنل روايتن کي بيان ڪرڻ
ضروري آهي.
"الف "

ابن مليڪہ واري روايت تي توجهہ ڪندا جنهن کي
احمد ابن حنبل ۽ ان کان علاوه ڪيترن ئي تاريخ
دانن نقل ڪيو آهي جيڪا روئڻ ۽ عزاداري کي
حرام قرار ڏيڻ وارين روايتن کي ڪوڙو ثابت
ڪري ٿي، هو بيان ڪري ٿو تہ حضرت عثمان جي
هڪ ڌيءَ جو انتقال ٿيو اسان ان جي جنازي ۾
شرڪت ڪئي، جڏهن تہ اسان سان گڏ عبد الله ابن
عمر ۽ حضرت عبد الله ابن عباس پڻ هئا ان
دوران عبد الله ابن عمر ماڻهن جي روئڻ تي
ناراحتيءَ جو اظهار ڪيو تہ حضرت عثمان جي پٽ

عبد اللّٰه ابن عمر کي چيو تہ : توهان ماڻهن کي روئڻ کان ڇو ٿا منع ڪيو ...؟

عبد اللّٰه ابن عمر وراڻيو تہ مان پاڻ سڳورن ﷺ کان ٻڌو آهي تہ ميت تي روئڻ سان ان کي عذاب ڪيو ويندو آهي ، حضرت عبد اللّٰه ابن عباس جيڪو اُتي موجود هو عبد اللّٰه ابن عمر جي طرف مخاطب ٿي ڪري فرمايو تہ : اها ڳالهہ جيڪا تون چئي رهيو آهين حضرت عمر جي آهي، جڏهن هو زخم جي تڪليف کان آرام ڪري رهيو هو تہ اُن وقت صحيب اُتي موجود هو ۽ هن روئڻ شروع ڪيو تہ حضرت عمر ناراض ٿي ڪري چوڻ لڳو تہ تون مون تي روئي رهيو آهين جڏهن تہ پاڻ سڳورن ﷺ روئڻ کان جهليو آهي ، روئڻ سان ميت تي عذاب ٿيندو آهي. ابن مليڪہ چئي ٿو تہ پوءِ جڏهن حضرت عمر جو انتقال ٿيو تہ ان ڳالهہ کي مان بيبي

عائشہ جي آڏو بيان ڪيو تہ بيبي عائشہ جواب ۾ چيو :

” رحم الله عمر والله ما حدث رسول الله ليعذب ....
ولڪن رسول الله ﷺ قال : ان الله ليزيد الڪافر ببڪاءِ اهلہ عليہ “

ترجمو : خدا عمر تي رحم ڪري خدا جو قسم پيغمر اڪرم ﷺ اهڙي ڳالهہ ڪڏهن بہ نہ ڪئي آهي جيتوڻيڪ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ : ڌڻي تعالیٰ ڪافر تي ان جي گهروارن جي روئڻ سببان عذاب ۾ وڌاءُ ڪندو آهي.

بيبي عائشہ ان ڳالهہ کي هن جملي سان پورو ڪيو تہ :

” حسبكم كتاب الله ولا تزر وازرة وزر اخرىٰ “[1]

---

[1] _سورت فاطر آيت 18

ترجمو : ان ڳالھ کي سمجھڻ لاءِ توهان وٽ قرآن جون آيتون کافي آهن ، کنهن بہ شخص کي ٻئي جي گناهن کري سزا نہ ڏني ويندي . ان وقت حضرت ابن عباس جن ان ڳالھ جي ان جملي سان وڏيک تاکيد فرمائي تہ الله پاک ئي روئاري ۽ کلائي ٿو ، ان پوري روايت جو راوي ابن مليک آخر ۾ چئي ٿو تہ جيئن ئي ابن عباس جي ڳالھ پوري ٿي تہ ابن عمر ماٺ ٿي ويو ۽ ان کان پوءِ کا بہ ڳالھ نہ کئي .[1]

"ب"

هک ڏينهن بيبي عائشہ سامهون عبد الله ابن عمر جي ان ڳالھ جو ذکر ٿيو تہ ميت تي روئڻ کري

[1] _مسند احمد بن حنبل .ج1.ص،41 ، جامع الاصول .ج،11،ص،99.

قبر ۾ ميت تي عذاب نازل ڪيو ويندو آهي ته جواب ۾ بيبي عائشه چيو ته :

” ذهل ابن عمر ! انما قال رسول الله ﷺ انه ليعذب بخطيئته و ذنبه وان اهله ليبكون عليه الآن “

ترجمو : عمر جي پٽ ڪان وسري ويو آهي ته مرده کي قبر ۾ ان جي گناهن جي ڪري عذاب نازل ڪيو ويندو آهي. جڏهن ته رشتيدار ان تي روئي رهيا هوندا آهن.[1]

”ج“

بيبي عائشه هڪ ٻي جڳهه تي ان ڳالهه جي دعوىٰ ڪئي ته :

---

[1] _شرح النوي ج،5،ص،308

” انكم لتحدثون عن غير كاذبين ولا مكذبين ولاكنّ السمع يخطي “

ترجمو : حضرت عمر ۽ سندن پٽ پاڻ سڳورنﷺ تي ڪوڙ ناهي مڙهيو بلڪ انهن پاڻ سڳورن ﷺ کان ان ڳالھ ٻڌڻ ۾ ڀُل ڪئي آهي.[1]

**”د“**

حضرت عائشہ اهو قصو نقل ڪيو آهي تہ پاڻ سڳورا ﷺ هڪ قبر جي ويجهو گذري رهيا هئا تہ ان ميت جا رشتيدار ان تي روئي رهيا هئا پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ ڪوئي بہ انسان ٻئي ڪنهن جو بار پنهنجن ڪُلهن تي نہ کڻندو آهي.[2]

[1] _ مسند احمد بن حنبل ج1،ص،42، جامع الاصول ج11،ص،93
[2] _صحيح بخاري ج،1،ص 93

”2“اها روايت جنهن ۾ جعفر ابن ابي طالبؑ تي روئڻ وارن کي منع ڪيو ويو آهي حقيقت کان خالي آهن. ان لاءِ ته :

” **الف** “ پهرين ڳالهه ته هي روايتون اُنهن روايتن سان تعارض ( مخالفت) رکن ٿيون جن ۾ پاڻ سڳورنﷺ روئڻ جي رغبت ڏياري آهي.[1]

**”ب“**

اِن روايت جي سند ۾ محمد ابن اسحاق بن يسار بن خيار موجود آهي جيڪو رجال جي عالمن ۽ محدثن جي نظر ۾ معتبر ناهي، مڙني ان شخص کان نقل ٿيل روايتن کي ڪوڙو ۽ ضعيف قرار ڏنو آهي.[2]

---

[1] _سنن نسائي ، ج4، ص 19، مسند احمد، ج 2، ص، 323. المستدرڪ علي الصحيحين ج1، ص، 381

[2] _ تهذيب الڪمال ج.16، ص، 70 کان 80

3. نصر ابن ابي عاصم  کان جيڪا روايت نقل ڪئي وئي آهي اها هيٺ ڏنل سببن ڪري ضعيف ۽ بي بنياد آهي.

” **الف** “ ابراهيم بن محمد بن  ابي يحيىٰ  ان روايت جي راوين منجهان هڪ انتهائي ڪوڙو شخص آهي ، احمد بن حنبل ان جي باري ۾ چيو آهي ته اهو انسان ڪوڙو ، ۽ هٿ ٺوڪيون حديثون بيان ڪندو آهي. هو چئي ٿو ته ” لا اصل لها “ ان کان نقل ڪيل روايتون بي بنياد ۽ ڪوڙيون آهن،

بشر بن مفضل چئي ٿو ته : مان ان جي متعلق مديني جي عالمن سڀگورن کان معلومات ورتي ته انهن مڙني اهو  چيو ته ابراهيم بن محمد بن يحيىٰ ڪوڙو انسان آهي. ۽ اعتبار جوڳو ناهي.

”ب“ ان روايت ۾ هڪ نا محرم عورت جي گهر ۾ حضرت عمر جو داخل ٿيڻ ان حال ۾ جو هڪ نامحرم عورت  کي ڪوڙا هڻڻ ۽ ان جي چادر جو هٽي وڃڻ ، اهو واقعو عجيب ۽ غريب لڳي ٿو جنهن کي ذهن مڃڻ لاءِ تيار ناهي،

ها ! اگر ان واقعي کي مڃيو وڃي ته اهو هڪ ٻئي ڏکوئيندڙ واقعي جي ياد ڏياري ٿو جنهن ۾ وحي جي گهر تي  حملو ڪيو ويو هو.

”ج “ اگر ان کي قبول ڪيو وڃي تڏهن به اهو عمل ٻين ڪاڻ حجت ناهي ڇو ته ڪوئي به انهن جي عصمت جو قائل ناهي ايسيتائين جو غزالي جهڙو وڏو عالم به حضرت عمر جي قول ۽ فعل کي ٻين لاءِ حجت قرار ڏيڻ لاءِ تيار ناهي، حضرت عمر جو اهو ڪم سنت رسول سان ٽڪراءُ رکي ٿو  ڇو ته پاڻ سڳورن ﷺ  جو چٽو فرمان آهي ته ” يا عمر

دعهنّ “ اي عمر انهن کي روئڻ ڏي ڪجھ نہ چئہُ ۽ انهن کي روئڻ کان منع نہ ڪر ![1]
۽ بيبي عائشہ پڻ ان مسئلي ۾ حضرت عمر جي طرف پل ۽ ويساري جي نسبت ڏني آهي.[2]

### ”بحث جو نچوڙ“

جيتوڻيڪ مٿي بيان ڪيل روايتن ۾ اگر ٿورڙو غور ۽ فڪر ڪيو وڃي تہ انهن روايتن جي سَنَدَ وڌ ۾ وڌ حضرت عمر يا عبد الله ابن عمر تي ئي پهچي ٿي ۽ اگر بيبي عائشہ جي ان ڳالھ کي قبول ڪيو وڃي تہ ان روايت جي سمجهڻ ۾ حضرت عمر يا ابن عمر کان پل يا غلطي ٿي آهي تہ اسان سهولت سان ان نتيجي تائين پهچي سگهون ٿا تہ حضور

---

[1] _مسند احمد ج. 2. ص. 323
[2] _المجموع للنووي ج5، ص، 308

اڪرم ﷺ ڪڏهن به روئڻ ۽ عزاداري ڪرڻ کان ڪين منع ڪيو آهي پر پنهنجي زبان ۽ عمل سان ان جي تائيد به فرمائي آهي ۽ ان ڪم کي شرعي حيثيت عطا فرمائي آهي. خاص ڪري اگر انهن حديثن کي ڏٺو وڃي جن ۾ پاڻ سڳورنﷺ ڪربلا جي شهيدن تي روئڻ ۽ عزاداري ڪرڻ جو اجر بيان فرمايو آهي ته

هر مسلمان ان ڪم ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندو ۽ خصوصي اهتمام ڪندو. ۽ جيڪي روايتون ميت تي سندس رشتيدارن جي روئڻ سبب عذاب ۾ اضافي کي بيان ڪري رهيون آهن ان مان مراد ڪافر جي ميت تي روئڻ آهي ۽ انهن منجهه مسلمان ميت تي روئڻ ۽ عذاب جو وڌڻ ڪنهن به صورت ۾ شامل نه ٿو ٿي.

## ”تاريخي بحث“

روئڻ ۽ عزاداري ،نوحا ، مرثيہ ۽ سوڳواري اسلام جي تاريخ جو اڻ ٽٽ حصو رهيو آهي جن جو قديمي ڪتابن ۾ تمام گهڻو ذڪر ڪيو ويو آهي جن منجهان هڪ تاريخ طبري جي جلد نمبر 3 صفحو 341 تي نقل ڪيو ويو آهي تہ امام حسين عليہ السلام جي شهادت جي خبر جڏهن مديني وارن وٽ پهتي تہ انهن جي ڏک جو اظهار ڪجهہ هن ريت هو جنهن کي طبري هڪ روايت سان نقل ڪيو آهي هو چئي ٿو تہ :

” فلم اسمع والله واعية مثل واعية نساء بني هاشم في دورهنّ علىٰ الحسين عليہ السلام “

ترجمو : خدا جو قسم امام حسين عليہ السلام تي بني هاشم جي عورتن جو گريو تاريخ ۾ بيمثال آهي ،

مان ڪڏهن به اهڙو روئڻ ۽ ماتم ڪرڻ اڳ ۾ نہ ڏٺو هو.

ابن ڪثير بيان ڪري ٿو تہ : سبط ابن جوزي کي ڏهين محرم جي ڏينهن مولا حسين عليه السلام جا مصائب پڙهڻ جي لاءِ چيو ويو ، جناب سبط ابن جوزي دمشق جي منبر تي وجي ڪجھ شعر پڙهيا جن جو ترجمو هن ريت آهي :

افسوس آهي انهن ماڻهن تي جن جي شفاعت ڪرڻ وارا انهن جا دشمن هوندا ان وقت جڏهن ماڻهن کي قبرن منجهان ڪڍڻ لاءِ صُور ڦوڪي ويندي ، محشر ۾ بيبي زهرا عليها السلام جي هٿن ۾ پنهنجي مظلوم ٻچڙي حسين ابن علي جي خون سان رڱيل قميص هوندي اهو چئي ڪري ابن جوزي روئيدي منبر تان هيٺ لهي آيو ۽ روئڻهارڪو پنهنجي گهر جي

طرف روانو ٿيو.[1] تاريخ ۾ ان جهڙا ڪيترا ئي مثال موجود آهن اسان پڙهڻ وارن لاءِ هتي ڪجهه اهڙا تاريخي مثال بيان ڪري رهيا آهيون.

### عبدالمومن جي لاءِ عزاداري ڪرڻ:

عبد المومن بن خلف ( وفات 346 هـ.ق) اهل سنت جي چوٽيءَ جي عالمن منجهان هو نسفي ان باري ۾ لکي ٿو ته :

( مان عبد المومن جي جنازي نماز ۾ شرڪت ڪئي ته طبلن جي آواز ايئن ڪنن ۾ وڄي رهي هئي جو ڄڻ ته بغداد تي ڪنهن لشڪر حملو ڪيو آهي اهو سلسلو ميت جي دفنائڻ تائين جاري رهيو.[2]

---

[1]_البدايہ والنهايہ ج 13 ص، 207.
[2]_ تاريخ دمشق ج10.ص.272، سير اعلام النبلاء،ج15.ص.480.

## امام جويني تي ماتم ڪرڻ

اهل سنت عالم امام ذهبي امام جويني جي وفات ۽ ماڻهن جي عزاداري ڪرڻ ڪي هن ريت لکي ٿو ته ” پهريان ته امام جويني کي سندس گهر ۾ دفن ڪيو ويو پر پوءِ سندس جو مڙهه مقبرة الحسين ( شايد مراد ڪربلا معلیٰ آهي) منتقل ڪيو ويو. امام جويني جي ماتم ۾ ماڻهن منبرن کي ٽوڙي ڇڏيو ۽ تمام گهڻي پيماني تي عزاداري ۽ نوحه خواني ڪئي وئي سندس جي 400 شاگردن پنهنجي اُستاد جي ڏک ۾ قلمدان ڀڃي ڇڏيا ، هڪ سال تائين عزاداري هلندي رهي ۽ پنهنجن عمامن کي لاهي ڇڏيو هيائون ايسيتائين جو ڪنهن کي عمامو پائڻ جي جرات نه ٿيندي هئي ماڻهو ان هڪ سال جي

مدت ۾ گهٽين ۽ رستن تي اچي نوحہ خواني ۽ عزاداري ڪندا هئا “[1]

## ابن جوزي جي وفات

سبط ابن جوزي جي وفات 13 رمضان تي ٿي، امام ذهبي ان جي وفات متعلق لکي ٿو تہ :(..... ابن جوزي جي وفات تي بازارون بند ٿي ويون ۽ ماڻهن جي گهڻي تعداد سندس جي جنازي نماز ۾ شرڪت ڪئي، ماڻهن جي رش ۽ گرميءَ جي شدت سبب ڪيترن ماڻهن پنهنجا روزا ٽوڙي ڇڏيا ۽ ڪجھ ماڻهن پاڻ کي دجلہ نديءَ ۾ اڇلايو ، ماڻهو رمضان المبارڪ مهيني جي پڄاڻيءَ تائين سندس جي قبر تي شب بيداري ڪندا هئا. اهي ماڻهو هتي ۾ شمع ، ڏيئا وغيره ڪٽي ايندا هئا ۽ اُتي قرآن خواني ڪندا

[1]_ سير اعلام النبلاء ج، 18.ص.468، المتظم ، ج9،ص،20

هئا، سندس جي لاءِ مجلس چنچر جي ڏينهن برپا ڪندا هئا ۽ خطيب سندس جي متعلق گفتگو ڪندا هئا، انهن پروگرامن ۾ تمام گهڻن ماڻهن شرڪت ڪئي.)[1]

[1] _سير اعلام النبلاء ج 18. ص. 379.

## آخري ڪلام

آخر ۾ اسان گذارش ڪندا سين تہ هڪ مسلمان وٽ پاڻ سڳورن ﷺ جي سنت ڪان وڌيڪ ڪنهن جي ڳالهہ معتبر آهي ...؟

جيتوڻيڪ اسان جي ٻنهي جهانن جو سردار منو مرسل ﷺ هڪ عمل ڪي نہ فقط جائز پر ان ڪم جي تاڪيد بہ فرمائي رهيو آهي ۽ ماتم ۽ عزاداريءَ ڪي شرعي حيثيت ڏني آهي.اِها اُها تسليم ٿيل حقيقت آهي جنهن ڪي تمام عالم اسلام قبوليو ۽ پنهنجي تاريخ ۽ حديثن جي ڪتابن ۾ پڻ لکيو آهي اميد ڪجي ٿي تہ عشق رسول اڪرم ﷺ سان ٿڦتار دليون منٽي مرسل ﷺ جي سنت ڪي عملي ميدان ۾ انجام ڏيڻ خاطر ڪنهن بہ ڪمزور ۽ هٿ ٺوڪي فتوائن جي پرواهہ ڪين ڪندا اسان لاءِ بس الله پاڪ ۽ سندس رسول ڪافي آهي.

” ڏٽــيءَ در دعــاڳو آهيــون تــ ٻاجهــارو پنهنجــي ۽ پنهنجــي رســول جــي عاشــقن کــي قيامــت تــائين شــاد ۽ آبــاد رکــي آمين“